ڈاڪٽر الهوسايو سومرو
ڈاڪٽر رقيہ عامر سومرو

سر آسا ۾ "لوچان ٿي لاحد ۾" جدوجهد جو فلسفو

Abstract:

The Philosophy of Struggle "Lochan thee Laahad Mein" in Sur Aasa

Hazrat Shah Abdul Latif Bhitai a well known Sindhi Poet, has given many good ideas through his poetry for the improvement and betterment of the society. He teaches and guides to be true lover, devotee, sympathetic, patriot, hard worker, honest, loyal and for many more better qualities holder. His Sur Aasa is full with the lessons of spiritual secrets and to be hard worker. Any achievement cannot be gotten without making struggle and hard work. Hard work is the key of success. In sur Aasa Shah Latif has mentioned the human eyes. He tries to understand that human eyes are the sample of struggle and these have achieved their desired goal after making the many attempts. Shah Latif says that the eyes have huge thirst to see their beloved and every morning in dawn this is their routine and practice, if they suddenly fail then the poet draw away and put them ahead of the crows. This sur is really interesting and meaningful and avail us to learn more lessons from it.

'**سر آسا**' ۾ شاھ لطيف اڪين جي جدوجهد بيان ڪئي آهي. اڪين سان پرينءَ کي ڏسڻ، ان کي سمجهڻ، سڃاڻڻ ۽ وصل لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو فلسفو سمايل ملي ٿو.

انسان دنيا ۾ ازل کان لوچڻ جو عادي رهيو آهي. هر دور ۾ رابتدا کان اها لوچ ان جي پيٽ ڪُوت ۽ جياپي لاءِ جاري آهي. ماڻهو زندگيءَ جي سهنج ۽ سهولت لاءِ جدوجهد ڪندو رهي ٿو. ان کان سواءِ انسان پنهنجي تخليق بابت ان خالق جي ڳولها سان گڏ، رب جي رحمت ۽ رمز کي هميشہ تلاش ڪندو رهي ٿو ۽ سپرينءَ جي سڃاڻڻ ۽ ڳولڻ جا جتن ڪندو رهي ٿو. جنهن لاءِ شاھ لطيف فرمائي ٿوتہ:

نَہ کا اِبتَدا عبد جي، نہ کا اِنتها،
سي وَيحَنَ کي وِيا، جَن نَہ سُجاتو سُپِرين.

(شاهواڻي، غلام محمد، 2005ع، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 1، بيت 8،ص 706)

شاھ لطيف جي فلسفي ۾ اها حقيقت متئين بيت مان واضع آهي، تہ جن پرينءَ کي نہ سجاتو ان جي ڳولها نہ ڪئي، پرينءَ کي پسڻ جي لاءِ جدوجهد نہ ڪئي، انسان جي نہ شروعات آهي نہ انتها، اهي "وڇڻ کي ويا" يعني اهي بي مقصد مري هي جهان ڇڏي ويا، انهن جي ڪٽي بہ ڪا جاءِ نہ آهي. هڪ ٻئي بيت ۾ لطيف سائين وري هيئن چوي ٿو:

مَحرومَ ٿي مَري ويا ، ماهر ٿي نہ مُئا،
چڙيءَ جيئن چُهُنجَ هٽي ، لَڏيائُون لُئا ،
حُبابَ ئي هُئا ، اِنهيءَ واديءَ وِچَ ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 4، بيت 3،ص 721)

شاھ لطيف ماهر ٿي مرڻ واري انسان کي وڏي اهميت ڏني آهي. انسان کي وجود جي تلاش سان گڏ خدا جي تلاش لاءِ ڪنهن ماهر يا مرشد جي رهبري هيٺ هلڻ ضروري آهي. نہ تہ انسان تہ هڪ پاڻيءَ جي ڦڙهي مثل آهي.

اها سوچ ۽ لوچ انسان جي اتي پوري نہ ٿي ٿئي، پر پنهنجي قوم جي آجپي يا ديس جي حفاظت ۽ قومن جي وجود جي بقا لاءِ انسان هميشہ لوچيندو ۽ ڳولهيندو ۽ جدوجهد ڪندو رهي ٿو. انهيءَ لوچ جي ذريعي ماڻهو شروع کان ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري رهيو آهي. ايان بہ ڪندو رهي ٿو. هر دور ۾ زمان ۽ مڪان جي پنهنجي تقاضا آهي، ان ڪري اهڙي جدوجهد جي ڪائي حد مقرر نہ آهي. جنهن سان پنهنجي محبوب يا پرينءَ الله پاڪ کي سجاڻي سگهجي.

"انسان جي شعور ۾ لاشعور جي تاريخ ايترو تہ پراڻي آهي، جيترو خود حضرت انسان جو وجود. پنهنجي تاريخ جي لاشعوري دور مان گذرندي اوهام پرستي جي تند ۾ تلخ تجربن، مشاهدي جي عمل ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ رد عمل تي سوچ جي ڏات ڪيس شعور جي مقام تي پهچايو. "[1]

ان شعور جي وسعت تحت انسان هميشہ "لاحد" ۾ لوچيندو رهي ٿو. جنهن ذات کي شاهہ لطيف ڳولڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو ان جي لاءِ جدوجهد جي تہ ڪائي حد ۽ انتها نہ آهي. زندگي ان جي ڳولا ۾ گذري وڃي ٿي، اهڙي عاشق جي تلاش "لاحد" کان بہ اڳتي آهي. شاهہ لطيف اها ڳالهہ طالب کي هينئن ريت سمجهائي آهي:

جتي عرش نہ اُپ ڪو، زمين ناهہ ذرو،
نہ ڪو چاڑهو چند جو، نڪو سِجَ سَرو،
اُتي آديسين جو، لڳو دنگُ دڙو،
پري پِئُن پَرو، ناٿ ڏنائين ناهين ۾.

(شيخ، ڀانهون خان، (2012ع)، 'شاهہ جو رسالو'، جلد ٽئون، سُر رامڪلي، بيت 21، ص: 123)

جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ اها انسان جي اٽڪ جدوجهد آهي جنهن جي نتيجي ۾ اڄ دنيا هڪ ڳوٺ، پاڙو ۽ ان کان وڌيڪ هڪ گهر مثل لڳي ٿي. ڇو تہ ڪمپيوٽر، موبائيل انٽر نيٽ پوري دنيا کي انسان جي آڱر جي هڪ اشاري ۾ آڻي رکيو آهي. خط جي جواب جو وڌو انتظار ڪرڻ بجاءِ، اک ڇنپ ۾ ميسيج جي ذريعي جواب ملي ٿو. جيڪڏهن هڪ شئي کي ڳولڻ لاءِ گوگل کي گهمائجي تہ ان سان گڏ دنيا جون اڻ ڳٽيون تحقيقون سامهون اچن ٿيون، پر روح جي ڳولهڻ اڃا اڳتي آهي جنهن جي ڪائي حد نہ آهي، ماڻهو پنهنجي سموري حياتي لاحد ۾ لوچيندو ۽ ڳوليندو رهيو آهي.

انسان جو آسمان تي اُڏرڻ، هڪ سياري کان ٻئي سياري تائين جدوجهد ۽ جاچ جاري آهي. اڳتي کان اڳتي وڌڻ ان جي فطرت ۾ رسمايل آهي. اهو تجسس تہ ايا اڳتي ڇا آهي؟ ۽ ڇا هوندو؟. لوچڻ ۽ تلاشڻ بہ هڪ قسم جي ڏات آهي، "ڏاتِ نَہ آهي ذاتِ تي، جو وَهِي سولَهِي". الله پاڪ جنهن انسان کي ڏات ڏني آهي، اهي ئي لوچين ۽ لهن، وَهِن، پاڻ پتوڙين ۽ جدوجهد ڪري اصل منزل حاصل ڪن ٿا. جنهن لاءِ ساري جڳ جا وٽاڻ ووڙين ٿا. "ووڙيم سپ وٽاڻ، يارڪارڻ جت جي". اهو يار تہ قسمت وارن جو جهد قبول ڪري مٽن قرب ڪندو آهي، پوءِ اهي وصل حاصل ڪندا آهن محبت جا مزا وٺي چڪي چريا ٿي پوندا آهن وري وري اوڏانهين دلبر جي هڪڙي ديد جا منتظر هوندا آهن.

انسان "ڳوليان ڳوليان مَر لهان"، جي نظرئي تحت جدوجهد جاري رکيون پيو اچي. دنيا جي حقيقتن کي جاچڻ ۽ ڏسڻ سان گڏ قربِ الاهي بہ حاصل ڪرڻ چاهي ٿو تہ حقيقت جي حد ڪٿي آهي؟. پرينءَ جي سونهن ۽ قد جو ڪاٿو ڪٿي آهي يا نہ؟ ان ڪري ان جي تلاش ۽ لوچ اڳتي کان اڳتي آهي. ان ڳالهہ ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي تہ تون "معبود" آهين! ۽ انسان تہ هڪ ادنيٰ "ڀانهو" آهي.

اهڙي خيال کي شاھ لطيف پنهنجي هڪ بيت ۾ هن طرح بيان ڪري ٿو ته:

"اَنَا عَبدُ" مَعبُودُ تُون، اِتِ نَہ ڪو شرِڪُ نَہ شڪُ،
پچارُون پرين جُون، مَحبتِيَن مَرَڪُ،
سو سَيوئِي حَقُ ، جنهن ۾ پَسڻُ پرينءَ جو.

(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 1، بيت 10،ص 707)

شاھ لطيف چئي ٿو، "چئو ته عبد" ته ڪجھ به نہ آهي، جيڪي آهي سڀ معبود آهي، ان ۾ ڪوئي شڪ ۽ گمان جي گنجائش ئي نہ آهي. معبود جي محبت ئي اصل ۾ ماڻھوءَ جي جدوجھد جو محور آهي. پوءِ اها لوچ ئي پرينءَ کي پسڻ ۾ران جي مدد ڪري ٿي.

عاشق جي منزل، "حق" جي حاصلات ۽ ڏسڻ تي ئي ڇيھ ڪري ٿي. حقيقتن کي جاچڻ ۽ پنهنجي مقصد ۽ منزل تي پھچي محبوب جو اکين سان مشاھدو ڪرڻ، ان جو بنيادي حق آهي. "حق" کي ڏسڻ ئي انسان جي اصل جدوجھد جي منزل آهي. اصل زندگيءَ جي جدوجھد "حق" جي تلاش ۽ ان جي حاصلات ۾ آهي. ان ڪري شاھ لطيف جي "سر آسا" جو سمورو مَحوَرُ ئي "حق" کي اکين سان ڏسڻ ۽ سجاڻڻ ان جي محبت ۽ حقيقت کي حاصل ڪرڻ آهي. جيئن هن بيت ۾ شاھ لطيف چئي ٿو:

ڪِي جو ڪَھين پارِ ، اَکِيُون پَسي آئِيُون،
ٿِيُون ديوانِيُون دِل ۾، اَپَر لَڳِيَن آرِ،
تِنهان پوءِ قَرارِ، سُتِيُون ڪِينَ ، سَيّدُ چي.

(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 9،ص 710)

جنهن هي سھڻو جهان جوڙيو، شاھ لطيف جي "لوچ" ان هاديءَ جي تلاش لاءِ آهي. اهو ئي ان جو پرين آهي، جنهن جي محبت کي حاصل ڪرڻ ۽ حقيقت کي سجاڻڻ جي ڳولا ۾ جبل جھنگ لتاڙيندو ڳولھيندو رهيو. پوءِ به ان جي سونهن ۽ خدائيءَ جي ڪائي "حد" کو چيڙو نظر نہ آيو، محبت جي حد مقرر ٿيل نہ آهي!. نہ ئي ان جي تلاش ڪندڙ جي سڪ ۽ محبت جي ڪا ماپ، ڪاڙو يا شمار ڪري سگھجي ٿو. اهو ته هر هنڌ موجود آهي، بس اهي اکيون گھرجن جنهن سان پسجي پرينءَ کي. شاھ لطيف چئي ٿو:

ڪِي جو ڪيڏانهين ، اَکِيُون پَسِي آئِيُون،
ٿِيُون تاڻِن تيڏانهين، پِيئُون پاڻَ مُهاڙِيُون.

(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 8،ص 710)

اکيون ته پاڻ مھاڙيون پيون ان طرف تانگھين ٿيون، جيڏانهن پرينءَ جي جھلڪ ڏسي آيون آهن. عاشق جي ان محبت ۽ جدوجھد جي پرينءَ کي پرواھ ئي ڪانہ آهي. محبوب پنهنجي ذات ۾ مڙانهون ۽ اعليٰ آهي. سر آسا جي پھرين بيت ۾راھڙي ڪيفيت کي شاھ لطيف هن طرح بيان ڪري ٿو ته:

لوچان ٿِي لاحَدَ ۾، هادِيءَ لَهان نَہ حَدّ،
سُپيريان جي سونهن جو، نہ ڪو قَدُ نَہ مَدُ،
هِتِ سِکَڻُ بي عَددُ ، هُتِ پرينءَ پَرواهَ ناھ ڪا.

(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 1، بيت 1،ص 705)

شاھ لطيف چئي ٿو تہ ماڻھوءَ جي ڳولا کٽي وڃي ٿي، پر ھاديءَ جي سونھن جي کائي حد ۽ ڪاٽو نہ آھي. بي انتھا سڪ ھجڻ جي باوجود پرينءَ کي ڪا ئي پرواھ نہ آھي. ان جو شان اعليٰ ۽ پاڻ وڏي عظمت ۽بردباريءَ وارو آھي.

"لوچ" لفظ جي معنيٰ:

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ "لوچ" لفظ جي معنيٰ ھن طرح لکي ٿو تہ: "لوچڻ: مصدر، (سن. لوچ=ڏسڻ) نھارڻ، ڳولڻ، ڦولڻ، ڍُنڍڻ، جانچڻ، سوچڻ، وَوڙڻ، ڏسڻ، جاچڻ، وائيسڻ، وائڙڻ، تلاش، ڦولھڻ، کوجڻ، ڳولا ڪرڻ، تلاش ڪرڻ، اندر جھاتي پائڻ، پاڻ پسڻ، اِڇا ڪرڻ، چاھڻ، منشا ڪرڻ، خواھش ڪرڻ، ڪم ڪرڻ، محنت ڪرڻ، پورھيو ڪرڻ، روزگار ڪرڻ، ڪِرت ڪرڻ، نوڪري ڪرڻ، پريشان رھڻ، ماندو ٿيڻ، بي آرام رھڻ، بيقرار رھڻ."[2]

شاھ لطيف پنھنجي پرينءَ کي ڳولڻ لاءِ انھن لفظن کي سندي ڪلام ۾ روانيءَ سان استعمال ڪيو آھي. خدا جي خدائيءَ کي اکين سان ڏسڻ، سجاڻڻ ۽ سمجھڻ لاءِ پاڻ سنياسين سان گڏ سفر ڪيائين. پنھنجي ھميشہ جي بي آرامي ۽ بيقراري کي ختم ڪرڻ ٿي چاھيو. اھا بي آرامي بيقراري ۽ اندر ۾ رمانڊاڻ، انسان کي سوچڻ ۽ لوچڻ تي مجبور ڪري ٿي.

اَکڙين آرو ، مونھان پُڇي نہ ڪِيو،
اُتي وڃي اَڙيون ، جتي چَوَنَ نہ چارو،
ھينئڙو ويچارو ، واڻُون جَھلِيو وِجھُلي.
(شاھواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 20،ص 712)

"لاحَدَ" لفظ جي معنيٰ:

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ "لاحد" لفظ جي معنيٰ ھن طرح لکي آھي."لاحَد: صفت،(ع). بنا حَد- بي حد-اپار، حد کان باھر، بي انتھا-ڪُلي-مُطلقُ. لامڪانُ"[3] شاھ لطيف وٽ پرينءَ جي سونھن ۽ رحمت جي ڪا حد مقرر ٿيل نہ آھي.

" آسا" جي لفظي معنيٰ:

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "سنڌي لغات" ۾ لفظ "آسا" بابت لکي ٿو تہ: "آسا ج آسَائُون": ث،(سن. آشَا) آسَ، اميد-آسرو. آرزُو، مراد، تمنا، خواھش، غرض، حاجت ، آشا، ھڪ راڳڻي جو نالو، مچيءَ جو ھڪ قسم (ڪ)آھي."[4]

ھڪ بي ڊڪشنريءَ ۾ "آسا" لفظ کي عبدالرشيد ميمڻ بہ ڪجھ ھن طرح بيان ڪيو آھي، لکي ٿو تہ: "آسا: ث (سن.آشا) آس. اميد. خواھش. تمنا. غرض. حاجت. ھڪ راڳڻيءَ جو نالو آھي."[5]

انھن مٿين حوالن مان ثابت ٿئي ٿو تہ "سر آسا" راڳ جي دنيا ۾ ھڪ ھندستاني راڳڻيءَ جو نالو آھي. جيڪو آسا نالي ھڪ راجڪماري اسر ويل ڳائيندي، ڏٺي تعاليٰ جي وڏائي ۽ ساراھ بيان ڪندي ھئي، انھيءَ ڪري سر آسا جي سموري سر ۾ آقا ۽ ٻانھي جي درميان جيڪو رابطو ۽ واسطو آھي ان کي ڳايل آھي. اھو ئي سبب آھي جو ھن کي آس، اميد، تمنا ۽ خواھش سان گڏ جدوجھد جو سر بہ چئي سگھجي ٿو. شاھ لطيف راڳ جو وڏو جاڻو ۽ شوقين ھو، ان ڪري رسالي جي ھر سر کي ڪنھن نہ ڪنھن راڳڻيءَ ۾ بيان ڪيو اٿس. سر آسا اندر سندس ڪلام جي لفظ لفظ ۾ آس، اميد، تمنا، خواھش، لوچ، تڙپ ۽ اکين سان ڳولا پرينءَ جي سڪ ۽ وصال لاءِ جدوجھد جو پرپور فلسفو سمايل آھي.

جيئن هن بيت ۾ پاڻ اکين بابت تڙپ بيان ڪندي فرمائين ٿا تہ:

وَسَنِ ۽ وِهُسَنِ، ڏِيهاڙِي ڏِسَڻَ لئي،
ڏسِي ڏسِي آئِيُون، تَہ پِہ تَلاشُون ڪَنِ،
ڏاپِيونَ ڏاپَن، پَسَڻَ مَنجهان پِرينءَ جي.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 13،ص711)

شاھ لطيف جي هن بيت ۾ درد ۽ تلاش سان گڏ، لاحد ۾لوچڻ وارو فلسفو ملي ٿو. جيڪي اکيون پرينءَ کي ڏسڻ کان پوءِ، وري بہ روز تلاش ڪن ٿيون. ان درد ۽ لوچ ۾ لڇڻ سان گڏ پرينءَ کي ڏسڻ مان ڏاپن نہ ٿيون. روز روئندیون ۽ ڳولهيندیون سپ وٽاڻ ووٽيندیون رهن ٿيون. اکيون اڻندي ويهندي، سمهندي جاڳندي، ڪائيندي پيئندي، محبوب کي ڳولهيندو رهن ٿيون.

شاھ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ اکين سان جدوجهد جو اعليٰ فلسفو "سرآسا" ۾ بيان ڪيو آهي. دنيا جي شاعرن پنهنجي شعر ۾ اکين جي فلسفي جي اپٽار ڪئي هوندي، اکين سان جدوجهد ڪري، لوچي پرينءَ کي لهڻ جو گُڻ جيڪو شاھ لطيف وٽ آهي، اهڙو فلسفو شايد دنيا ۾ڪنهن ٻئي شاعر جي ڪلام ۾هجي!!. ان ڪري جو اکين کي عجب جهڙيون عادتون آهين. جيڪي شاھ لطيف محسوس ڪندي چئي ٿو تہ:

اکين کي آهين، عَجَبَ جيهُون عادَتُون،
سُورَ پَرائي ساڻَ جا، وَڃيو وِهائِين،
اُتي لَنئُون لاڻِين، جِتِ حاجَتَ ناهِ هٿيارَ جي.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 16،ص 711)

"سر آسا" ۾ڪُل چار داستان آهن، هر داستان ۾اکين جي جدوجهد جو فلسفو هڪ الڳ معنيٰ ۽ مفهوم ڏئي ٿو. پر انهن جي پاڻ ۾ڪڙي ڪڙيءَ سان ضرور ملي ٿي. شاهواڻي غلام محمد جي سهيڙيل شاھ جي رسالي جي مطابق، داستان پهرين ۾سترهن بيت ۽ هڪ وائي موجود آهي. جنهن ۾ لاحد ۾لوچڻ سان شروعات ٿئي ٿي. اها لوچ خدا جي هيڪڙائيءَ کان وٺي ان جي ڪُجهہ کي ڳولڻ، عبد کي وجود وڃائي هاروتڻ واري معصوميت سان، رب کي راضي ڪري، وصال حاصل ڪرڻ جي جاکوڙ جو فلسفو سمايل ملي ٿو. هن شعر کي ٻئي پڙهي ڏسو :

جَنِ وِڃايو وُجُودَ کي، سي فانِي ٿيا فِي اللّٰهِ،
نَہ تَنِ قِيامُ نہ قُعُودُ، نَہ ڪو ڪَنِ سُجُودُ،
جيلانهن ٿِيا نابُود ، تِيلانهن گَڏِيا بُودَ کي.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 1، بيت 17،ص 708)

داستان ٻئي ۾ 22 ٻاويهہ بيت ۽ هڪ وائي ڏني وئي آهي. هن داستان ۾ اکين سان پرينءَ کي سج اپرندي ڏسڻ جي خواهش ۾ ڳولڻ ۽ ديدار ڪرڻ جي جدوجهد سمايل آهي. جيڪي اکيون کي جلوه ڏسي آيون آهن، اهي وري وري ڏهاڙي ڏسڻ لاءِ جدوجهد ۾ردڙل ملن ٿيون. پنهنجي پرينءَ جو ديدار ڪري کيس سڃاڻي جو آيون آهن.

انهن جي عادت بہ عجيب آهي، جو اتي وڃي لنئون لاڻين ٿيون، جتي ڪنهن هٿيار جي ضرورت نہ آهي. انهن پاڻ سان پاڻ ئي ڪئي، اهي پرينءَ لاءِ وڙهڻ جا وڏا وس ڪن ٿيون، وري سانوڻ مينهن جيان، نيٽن مان ڳوڙهن جو وسڪارو بہ ڪن ٿيون. جيڪڏهن اکيون ڪنهن ٻئي ڏي نهارينديون تہ پوءِ سُپرين وري گهٽو ريسارو بہ آهي جو ڪٽي رسي نہ پئي!. ائين بہ آهي

ته اهي ڪي پاڻ وهيٽيون ته نه آهن، نه ئي اميد ۾ آس لاهين ٿيون. پنهنجي پرينءَ سان وري وري ملڻ لاءِ ڪانگ پيون اڏائين ٿيون. ان ڪري جوانهن پنهنجي دل/واڳ محبوب جي هٿ ۾ ڏني آهي، جو ته انهن کي پنهنجي محبوب ۽ محنت تي پورو پروسو آهي. "جيڏانهن وانيم سُپرين"!، يعني جڏانهن به سُپرين ورائين، يا جاڏي به پرين وڃي وجين. اها اکين جي جدوجهد شاهه لطيف جهڙي لافاني شاعر وٽ ئي ملي سگهي ٿي، جيڪي پرينءَ کي پسڻ لاءِ مسلسل ڳولها ۾رڌل آهن. هن بيت ۾ ته شاهه لطيف هيئن ڳالهه پيو ڪري، چئي ٿو ته:

اکين پنهنجي مَت ، پاڻَ سين پاٽهين ڪئي،
اُتي وَڃي لَڳيُون ، جِتي جانِ ڪَپَت،
نَ ڪا ڳالِ نَ ڳَٽ ، جِيءَ ڏُني ريءَ نه جُڙي.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 19،ص 712)

داستان ٿيون، هن داستان ۾رکل 27 ستاويهه بيت ۽ ٽي وايون شامل آهن. شاهه لطيف "سر آسا" جي داستان ٽئين جي شروعات ۾راندر جي اکين سان مشاهدي ماڻڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. جنهن ۾رعاشق محبوب کي ڏسڻ لاءِ ظاهري اکيون هوٽي، اندر جي اک سان پرينءَ کي پسڻ جي جدوجهد ڪري ٿو. جيئن هن بيت ۾ شاهه لطيف فرمائي ٿوته:

ديکُ مَ تُون سين تَن ، هي جي مَجازياڻِيُون مُنهن ۾،
جَن نَ سُجاتو، سُپرين، نِهاري نيڻَن،
پِرين سي پَسَن، بَئي جَنين هوٽِيُون .
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 3، بيت 1،ص 714)

هن داستان ۾ حقيقت کي ڄاڻي پوءِ عاشق پرينءَ جي ياد کان سواءِ هڪڙو ساهه به نه ٿو ڪٽي سگهي. ان ڪري دل ۽ اکين پرينءَ لاءِ ڦاهي ڪاڏي آهي. محبوب کي اکين ۾ ويهاري ڏيهه کان لڪائڻ جي تمنا ڏيکاريل آهي. عاشق لاءِ پنهنجي محبوب جي سڪ اندر ۾ سنياڻڻ ڪا ستري آهي ڇا؟. نه ان جي ڏيگهه آهي نه ويڪر، نابينن کي ڪهڙي خبر؟ پرينءَ جي رمز پروڙڻ ته ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. قلم جنين جي هٿ ۾ آهي اهي ته سيڻ آهن، اي آيل! هي ينيين اکيون پري آيون راضي ٿي ملي آيون. جتي ديرو دوست جو اتان کان ٽي آيون آهن. اهڙيءَ طرح هن داستان ۾ ڪيترائي بيت آهن، جنهن ۾ اکين جي جستجو بيان ٿيل آهي. جنهن جي پڙهڻ سان انسان جو حوصلو حيرت ۾ پئجيو وڃي.

حوصلو حَيَرتَ ۾ ، ڪَري ڪِينَ دَرَکَ،
جو حُسُنَ سَندو حَقُ، سو ڪُورُ پَروڙي ڪِينَ ڪي!.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 3، بيت 23،ص 712)

داستان چوٿون، سر آسا جي هن داستان ۾ ٻين داستانن کان گهٽا بيت ملن ٿا. جنهن ۾ ٽوٽل 48 اٺيتاليهه بيت ۽ هڪ وائي شامل آهي. هن داستان ۾ مختلف موضوعن تي بيت شامل آهن، پر هڪ ڪڙي ڪڙيءَ سان مليل آهي جا نصيحت ۽ جدوجهد سان ٽمٽار نظر اچي ٿي. داستان جي شروعات شاهه لطيف هن طرح ڪري ٿو.

ديکِيندي ديدارَ کي ، ڪِينَ سُجاتو ڪُلَّ ،
تازِي طَنبيلَن ۾، آهي احاطو جهُلَ،
هُئا جي اَمُلَ ، سي حسابان هَجِي ويا.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 4، بيت 1،ص 720)

هن داستان ۾ شاهه لطيف طالب کي مختلف طريقن سان منزل حاصل ڪرڻ جي جدوجهد جا گُر سمجهايا آهن. لوڪ کان لڪائڻ، ترڪ ڪرڻ ، هٿن سين هاج ڪرڻ ۽ نيڻن سين نهارڻ، حق کي پرکڻ لاءِ هر مذهب سان سچو رهڻ ، سفيدي جو سرمو پائڻ، اوڳڻ ته سڀ ڪو رسي پر پرين ته سٺن ڳڻن هوندي به رسي ويام. سڪ ڪنهن سان نه سلڻ، راز پرينءَ جو اندر ۾ رکي ٻاڦ ٻاهر نه ڪڍڻ، پاڻ کان به پردو ڪرڻ، پاڻيءَ ۾ پاند نه پسائڻ، پيو جو پاتار، سو ڪيئن پُسڻ کان پالهو رهي؟. سالڪ کان سکڻ جي خواهش ۽ جدوجهد، طالب کي مرشد جي نصيحت هن طرح پُسائڻ کان بچائي سگهي ٿي.

ڪَرِ طريقتَ تَڪيو، شَريعت سُڃاڻ،
هينئُون حَقيقتَ هيرِ، تُون ، ماڳُ مَعرفت ڄاڻُ،
هوءِ ثابوتيءَ ساڻُ، تَہ پُسڻَ کان پالهو رَهين.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 4، بيت 40،ص 728)

سر آسا جي چئن داستانن ۾ مضمونن جي مدنظر ڏسجي ته پهرئين ۽ چوٿين داستان ۾ روحاني رنگ ۽ حقيقت جي ڳولا نمايان نظر اچي ٿي. ٻئي ۽ ٽئين داستان ۾ محبت ۽ مجاز جا مذ ڪور پيا ملن. ٻئي داستان ۾ ته سمورا اکين جي حوالي سان جدوجهد جا جذبا سمايل آهن. ايئن کڻي چئجي ته هي سُر روحاني ۽ حقيقي، محبت ۽ مجاز وصل لاءِ جستجوءَ ۽ جهد جو امتزاج آهي.

”جستجو، ڳولها، جتن ۽ جدوجهد، هر عضوي جي پنهنجي هوندي آهي. هٿن جي جدوجهد محنت ۽ مشقت آهي. پيرن جي جستجو هلڻ آهي. ڪنن جي جدوجهد ٻڌڻ، نڪ جي جدوجهد سنگهڻ ۽ اکين جي ڳولا، جدوجهد ۽ جستجو ڏسڻ آهي.“[6] هن بيت ۾ شاهه لطيف اکين جي جدوجهد کي هن طرح بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:

اَکَڙِيُون عَليٰ الصُّباح ، دوسُ ديکَڻَ آئيون،
اُڀِندِيُون اَرِداسَ ۾ ، ٻِي نَہ ڪندِيُون ڪا،
رَچَنديُون رِيءَ پاهَ ، پَرچَنديُون پِرِينِ سين.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 7،ص710)

صبح سوير ئي اکيون پرينءَ کي ڏسڻ لاءِ آتيون آهن، دوست جي ديدار لاءِ خدمت ۾ حاضر ٿي عرض پيون ڪن، سندن منٿ پسند پئي ۽ پرين پرچي پوندا ته زندگي رڱجي پوندي. سندن جهد قبول پئجي ويو. پوءِ ته شرط اهو آهي ته جيڪڏهن سج اڀرڻ سان طالب جون اکيون پرينءَ کي نه ڏسنديون، ته ٻئي اکيون ڪڍي ڪانگن کي ڏئي ڇڏڻيون آهن!.

اهڙي مسلسل جهد کي شاهه لطيف هن طرح بيان ڪري ٿو:

اَڀرنديئي سِڄ ، پِرِين جي نَہ پَسَندِيُون،
ڪَڍي ٻيئي ڏِڄ ، اَکڙيون ڪانگنِ کي.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 1،ص 711)

عاشق پنهنجي معشوق کي سج اڀرندي ۽ لهندي، بلڪ هر وقت ڏسڻ چاهيندو آهي. محبوب کا پل به پري رهڻ نه گهرندو آهي. جي پرين نه ڏسڻ ۾ ايندا ته اکين کي ڪڍي ڪانگن کي ڏيڻ جي لاءِ چئي ٿو. ڇو ته اهڙيون اکيون ڪهڙي ڪم جون جيڪي صبح اٿندي پرينءَ جو ديدار نه ڪن؟. هڪ ٻئي بيت ۾ لطيف سائين طالب کي تنبيهه ڪندي، ڪنهن ٻئي ڏي نهارڻ کان به منع ڪري ٿو ته پرين ريسارو اٿئي. پاڻ کي هر حال ۾ روڪڻ پاڻ تي ضابطو رکڻ، نظرن کي ٻين ڏي ڏسڻ کان روڪڻ وري جدوجهد جهادِ اڪبر آهي.

ان لاءِ شاھ لطيف چئي ٿو تہ:

اَکيون سي ئي ڏارِ جن سان پسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏانھن ڪيم نھار، گھٽو ريسارا سپرين.
(شاھواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 22،ص 713)

شاھ لطيف عاشق کي ٻہ اھڙي صلاح ٿو ڏئي تہ اھڙيون اکيون ڏار معنيٰ اھڙيون اکيون ھجن، اھڙي پاڪ نظر ھجي. جنھن سان فقط پرينءَ جو ئي ديدار ڪجي. باقي ٻئي ڏي نھارڻ تہ محبوب کي پسند ئي ڪونہ آھي. ۽ تنھنجو سمورو جُھدُ بيڪار ويندو. "اُنَ" وانگر وڻِ وڻِ وات وجھڻ، ھر ڪنھن ڏي نھارڻ تہ پوءِ محبوب جي تانگھ دل مان ختم ٿي ويندي ۽ عاشق بي خبر ٿي ويندو، سندس لا حد واري لوچ ضايع ٿي ويندي. سڄڻ ٻہ ريسارا تمام گھٽا آھن. ان ڪري انسان جي نظر اھڙي پويتر ۽ پاڪ ھجي، جو واحد سان محبت جو ناتو جوڙي تہ غير ڏي ڏسڻ گناھ سمجھي. طالب کي ٻہ مطلوب سان سچي محبت آھي. ان ڪري چئي ڏنائين تہ:

اَکڙيون پرينِ ري، جي ڪِي ٻيو پَسَنِ،
تَہ ڪَڍِي کي ڪانگَنِ ، نِوالا نيڻ ڏِيان.
(شاھواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 4،ص 709)

ان کي پنھنجي پرين جي خبر آھي تہ ان کي شرڪ پسند نہ آھي. ان ڪري وڏي اعتماد سان جھد جاري رکندي چئي ٿو، جي اھڙي غلطي ڪنديون تہ ڪڍي نيراني ئي نوالا ڪري ڪانگن کي ڏئي ڇڏيندس. طالب جون اھي اکيون جيڪي پرينءَ لاءِ ترسن ۽ سڪن پيون سي پاڻ ۾ وڙھي پيون آھن وري رسن ۽ پرچن ٻہ پاڻ ٽيون، شاھ لطيف چئي ٿو تہ:

اَکڙِيُون اَکڙِيَن تي ، ڏَمَرَ ڏوسَ ڪَرِنِ،
جيلانھن سِکَڻُ سِکِيُون، تيلانَھن دَعويٰ مَنجھ دَڙِنِ،
ڪِلَنِ ۽ ڪَرِنِ ، رُسَن پَرچَنِ پاڻَ ۾.
(شاھواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 15،ص 711)

اھو اکين جو ڏمرجڻ اتي ختم نہ ٽيو آھي. پر اھي ضد تي آھن ۽ جھيڙو لڳائي بيٺيون آھن، جيئن آسمان تي ڪڪر وسڻ لاءِ تيار ھوندا آھن. بلڪل ايئن ئي اکيون ٻہ پرينءَ جي سڪ ۾ ڳوڙھن سان پريون پيون آھن ۽ سانوڻَ مينھن وانگر پيون وسن. محبوب جي ديدار لاءِ جُھدُ ڪرڻ ۽ ان لاءِ انتظار ڪرڻ ۾ وڏي تڪليف ھوندي آھي. پر سچا عاشق انھن کي ڪين نظر ڏرين. جيئن شاھ لطيف ھن بيت ۾ چئي ٿو تہ:

اکين کي آھين وڏا ، وجھ وڙھڻ جا،
مندي بيٺيون مامرو، جھيڙو نہ لاھين،
جيئن سي ڪڪرَ اُيَ ۾ ، اگھميو آھين،
جھُڙُ ڦڙُ نہ لاھين ، وَسن سانوڻَ مِينھن جان.
(شاھواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاھ جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 17،ص 712)

شاھ لطيف اکين جي جدوجھد جا ڪيترائي مثال سر آسا ۾ ڏنا آھن. اکين جي جدوجھد، ھٿن ۽ پيرن جي جُھد کان وڏي مشڪل آھي. جڏھن انھن کي محبوب جي نظرِ ڪرم حاصل ٿئي ٿي تہ پوءِ ھيئن چوندیون آھن:

ڪي جو وڃي اڄُ ، اکيون پسي آئيون،
سيڻِن ڪيو سَهَڄُ ، لالون ٿيون لطيف چئي.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 10،ص 710)

شاهه لطيف چئي ٿو، جيڪي اڄ منهنجون اکيون ڏسي آيون آهن ۽ جهڙا قرب منهنجي سيڻن/پرينءَ/ محبوب مون تي ڪيا، اهي ڳائجڻ جا نه آهن. اهو قرب پرينءَ جو هيرن جواهرن کان به وڌيڪ آهي. جڏهن طالب تي محبوب جي مهرِ نظر ٿي تڏهن ان لاءِ اها سندس جدوجهد جي وڏي ڪاميابي آهي.

ڪي جو وڃي ڪالَ ، اَکِيُون پَسِي آئيون،
لالُون ڪِيُون ، لطيف چي، جانب جي جمالَ،
ٿيا نيڻَ نِهالَ ، جَنين دِلبرُ ديکِيو.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 11،ص 710)

جڏهن نيڻن دلبرَ پرين پياري کي ڏٺو ته خوشيءَ ۾ اهي نيڻ ٺري پيا. اها جستجوءَ جي آخري منزل هوندي آهي، جڏهن انسان ڪنهن جي ڳولا ڪري ۽ گهڻي جدوجهد کان پوءِ اها منزل، اهو پرين، پنهنجو محبوب مشاهدو ڪرائي ته ان کان پوءِ به تمنا پوري نه ٿي ٿئي، پر عاشق جي تڙپ اڃا به گهڻي وڌي وڃي ٿي. پوءِ وري هيئن چوي ٿو ته:

وسَنِ ۽ وِهسَنِ، ڏِهاڙي ڏِسڻَ لئي،
جيئن جيئن پرين پسن،تيئن تيئن نَشا نينهن جا.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 12،ص 711)

انسان کي جنهن شيءِ مان لذت ۽ مزو اچي ۽ ان ڏانهن رغبت رکي ته اهو محبت ۽ عشق جي احساس جو هڪ لاڙو آهي. جڏهن محبت ڪمال تي پهچي ويندي آهي تڏهن انسان جي دل تي قبضو ڄمائي ٿي، ان سان سندس اندر ۾ عشق جنم وٺندو آهي. يا ايئن کڻي چئجي ته اهو لاڙو شدت وٺي عشق بڻجي وڃي ته ان ڪيفيت، لاڙي يا جذبي کي عشق چئجي ٿو. جڏهن عشق ڪمال درجي تي پهچي ٿو ته پاڻ ئي پنهون آهيان ڪنهن طرف ڪاهيان واري ڳالهه سامهون ايندي آهي. پرينءَ جو ڳجهه ان تي ظاهر ٿيندو آهي. جيئن هن بيت ۾ شاهه لطيف چئي ٿو ته :

ڳالهه پِريان جي ڳُجهَ جي، ڳالهه مِڙوئِي ڳُجَهه،
هيئنڙا! اُجهُ مَ مُنجهُ، ته پِرِيتَئُون پِرِين ٿِيين.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 1، بيت 14،ص707)

سموري ڳالهه ته ڳجهه آهي اندر پرينءَ جو ڳجهه سنڀالڻ سان پاڻ ئي ماڻهو پرين بڻجي وڃي ٿو. اها عشق جي آخري منزل آهي. ڊاڪٽر نواز علي شوق عشق جي وصف تمان سٺي نموني واضع ڪئي آهي پاڻ لکي ٿو ته:

”عشق لفظ ”عشقه“ مان ورتل آهي. عشقه هڪ ول آهي، جنهن کي هنديءَ ۾ ”عشق پيچان“ ۽ سنڌيءَ ۾ ”وڻ ويڙهي“ چيو ويندو آهي. اها وڻ ويڙهي پيلي رنگ جي هوندي آهي. جنهن وڻ کي لڳي، ان کي ساڙي سُڪائي ڇڏيندي آهي. اهڙيءَ ريت جڏهن ڪنهن جي دل ۾ عشق پيدا ٿئي ٿو ته ان جي وجود وارو وڻ معشوق جي حسن ۽ جمال جي تجليءَ ۾ محو ٿي ويندو آهي ۽ محبوب کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه فنا ٿي ويندو آهي. فقط معشوق ئي رهجي ويندو آهي.“[7] پوءِ عاشق کي هر طرف محبوب ئي نظر ايندو آهي.

عاشق جون اکيون لاحد ۾ لوچي، جڏهن معشوق جو ڳجهه ڳولهي لهن ٿيون. تڏهن پرين ۽ پاڻ هڪ ٿي وڃن ٿيون. اها اکين لاءِ جدوجهد جي آخري حد آهي. شاهه لطيف هن بيت ۾ اهڙي ڪيفيت کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

تن نيڻَن ڪِي نيرانِ، جَنين ساجهُرُ سيڻ،
جيءَ جُسي ۽ جانِ، ڪَرَ حُضورِي حَجُ ڪِيو.
(شاهواڻي، غلام محمد، (2005ع)، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 2، بيت 6،ص 709)

نتيجا:

- انسان جي جسم ۾ هر هڪ عضوي جي جدوجهد پنهنجي آهي. هر انسان جي سوچ ۽ عمل جي مطابق اهي انساني عضوا حرڪت ڪندا رهندا آهن. جيئن اکين جي جدوجهد ڏسڻ آهي پوءِ اهي خوبصورت منظر به ڏسن ٿيون ته ڪوجها منظر به. اهو انسان جي عمل تي مدار رکي ٿو ته ان جون اکيون ڪهڙي منظر کان متاثر ٿي ان جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪن ٿيون.
- جڏهن عاشق کي معشوق جي محبت دل ۾ ديرو ڄمائي، سندس وجود جي سمورن عضون تي حاوي ٿي ويندي آهي، تڏهن عاشق کي هر طرف هر شيءِ ۾ پنهنجي محبوب جي جهلڪ نظر ايندي آهي. سندن جدوجهد جي اها وڏي ڪاميابي آهي. اهڙي دلي ڪيفيت کي "عشق" چئبو آهي.
- عاشق لاحد ۾ لوچي، پرينءَ جي ڳجهه تائين رسائي حاصل ڪري ٿو. پنهنجي نفس کي ماري پوءِ پرينءَ جي صورت سڃاڻي ٿو. جنهن لاءِ وڏي جدوجهد ڪري ٿو. ان لاءِ طالب کي ٻارن واري معصوميت اختيار ڪرڻي پئي ٿي، تڪبر ۽ وڏائي الله پاڪ کي پسند نه آهي. معصوميت واري حالت ۾ ئي ان کي پرين، پاڻ پسائي ٿو.

سُڃاپي نه صُورتَ ري، صُورتَ هڏِ مَ سوجهه،
ٿي ٻاراڻيءَ ٻوجِهه، وِڃائي وُجود کي.
(شاهواڻي، غلام محمد، 2005ع، شاهه جو رسالو، سر آسا، داستان 1، بيت 16،ص 708)

حوالا

1. ڪاشف، محمد حسين، 'سر کاهوڙي جو مطالعو'، حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز. 1994ع،ص: 109.
2. بلوچ، نبي بخش خان، 'جامع سنڌي لغات'، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، جلد ٽيون، 2007ع، ص: 1705.
3. بلوچ، نبي بخش خان، 'جامع سنڌي لغات'، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، جلد ٽيون، 2007ع، ص:1657.
4. بلوچ، نبي بخش خان، 'سنڌي لغات'، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ. جلد اول (ا-ب)، 1379هه، ص: 51.
5. ميمڻ، عبدالرشيد، 'سنڌي-سنڌي-انگريزي-لغت'، حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2006ع، ص: 9.
6. مهراڻي، شير، ڊاڪٽر، 'سر آسا ۾ جدوجهد جا پهلو'، ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ،2009ع، ص: 127.
7. شوق، نواز علي. ڊاڪٽر، سر آسا ۾ محبت جا مذڪور'، ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2009ع، ص: 18.